# سمونڊ تو مونکي سڏي



ايوب گل

نئون نياپو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حُسين سوچ جو حَسن، حُسين حَسن جو ڪمال
حسين جي نگاهہ ۾، نبيءَ جي نگاهہ هئي
حسين جي جمال جي، دين کي پناهہ هئي
يَزيد ذليل جو ذليل، يزيد زوال جو زوال
حسين سوچ جو حَسن، حُسين حَسن جو ڪمال

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سمونڊ ٿو مونکي سڏي!

(پنجڪڙا)

ايوب گل

ترتيب: عزيز راڄ

نئون نياپو اڪيڊمي

سچل ڳوٺ ڪراچي، سنڌ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

كتاب جو نالو: سموند ٿو مونکي سڏي
موضوع: پنجڪڙا
شاعر: ايوب گل
ٽائيٽل ڊزائن: نثون نياپو
تعداد: هڪ هزار
ڇپجڻ جي تاريخ: جنوري 2012
پاران: نثون نياپو اڪيڊمي،
سچل ڳوٺ ڪراچي
Cell # 0346-2103811
**Rs. 100/=**

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## اريتا:

# روشنا جي نالي!

مونکي اوهان جي عشق ۾
هر ڪو هُنر مليو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پبلشر جو نوٽ

تيار ٿي وڃون هڪ وار وري رنگن جا ٻاٽا ۽ برش هٿن ۾ کڻي اسان جو رنگ برنگي خانہ بدوش شاعر ايوب گل پنهنجي سڄي سرت، سياءَ ۽ جادوءَ سان اچي رهيو آهي...

ايوب گل هونءَ تہ پورهيت ليکڪ آهي، ڪڏهن ڊراما تہ ڪڏهن اخبار لاءِ بيت/ پنجڪڙا ۽ ڪڏهن ڪجھ ٻيو..

ڪجھ نہ ڪجھ پر ڏينهن سڄو ۽ وڏي رات تائين جڙ تہ لکڻ ٿي هن جي ڊيوٽي آهي ۽ ساهن جو تسلسل بہ جي هو ڪن پل لاءِ قلم پاسيرو ڪري اکيون پيٽڙي تہ جڙ هوند هڪ پاسي هن جا تہ ايامن جا ٽڪ لهي پون پر جڙڪ اهو زندگيءَ جو پڇاڙو پل بہ ٿي پوي...

ايوب گل جو پهريون شاعريءَ جو ڪتاب "رنگن جي خانہ بدوشي" ڇاپڻ جو اعزاز پڻ نئون نياپو کي آهي ۽ هي اعزاز تي اعزاز هي ڪتاب ۽ سندس چواڻي تہ هر ڪتاب نئون نياپو لاءِ هوندو...

۽ اسان بہ ڪائنس لِکت جي جادوءَ جي تسلسل لاءِ آسائتا ٿي رهندا سين...

ايوب گل جو پهرين ڪتاب کي پڙهندڙن وٽان ڀلي موٽ ملي ۽ هن ڪتاب لاءِ بہ نئون نياپو ۽ ايوب گل آسوند آهن تہ ضرور اوهان جي دل جي درواز تي پيار سان، پنهنجائپ سان پيو سڏ ڪندو رهندو...

پنهنجي پيارَ پري راءِ کان آگاهہ ڪندا.

اوهان جو

سنڌي انعام

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مهاڳ

# سنڌي قوم جي
# اجتماعي احساسن جو شاعر - ايوب گل

ايوب گل جي نظمن جي مجموعي رنگن جي خانہ بدوشيءَ کان پوءِ هيءُ سندس ٻيو شعري مجموعو آهي "سمونڊ تو مونکي سڏي" جنهن ۾ هُن جا لکيل پنجڪڙا شامل آهن.

پنجڪڙي جي باري ۾ مان ٿورو ٻڌايان تہ پنجڪڙي کي مون ناچيز دريافت ڪيو هو. پنجڪڙو جيڪو اڄڪلهہ هڪ سگهاري شاعراڻي صنف طور سامهون آهي ان کي اها حيثيت ڏيارڻ ۾ منهنجون ڪوششون بہ شامل آهن ۽ اڄ اهو جديد سنڌي شاعريءَ ۾ نظم ۽ غزل کان پوءِ گهڻي مقدار ۾ لکيو وڃي ٿو (افسوس جو گهڻا شاعر ان جي معيار جو خيال نہ ٿا رکن)

ڪافي شاعر دوست پنجڪڙي کي منهنجي ايجاد ڪيل شاعراڻي صنف سمجهند آهن پر اها ڳالهہ غلط آهي. هن صنف جو ايجاد ڪرڻ وارو شاعر آهي پارت واسي پريو "وفا"

مان پانيان ٿو 91-1990ع جي ڳالهہ آهي مان لاڙڪاڻي جي نيشنل سينٽر واري لائبريري (جيڪا جناح باغ ۾ هئي) ۾ پڙهڻ جي لاءِ ڪو سنو ڪتاب ڳولي رهيو هوس تہ منهنجي نظر پريو وفا جي هڪ ڪتاب تي پيئي شايد نالو هوس "سُرخ گل، سُرها خواب" (تي سگهي ٿو نالي ۾ ڦير ڦار ٿيندي هجي) ڪُتاب ورهاڱي کانپوءِ ڇپيو هو. ان ڪتاب ۾ پريوءَ جا پنجڪڙا نظر آيا جيڪي من کي بيحد پسند آيا اهي ڇند وِديا مطابق لکيل هئا يعني پهرين سِٽَ پارنهن ماترائن جي ٻي تيرهن جي، ٽين بہ تيرهن جي ۽ باقي بہ سِٽون پارهن پارهن ماترائن جون.

انهن ڏينهن ۾ مان "ترائيل" لکندو هوس پر پنجڪڙا پڙهڻ کانپوءِ منهنجي دل انهن مان ڪٽي ٿي وئي ۽ پنجڪڙا پاڻ ڏانهن ڇڪڻ لڳا. هن صنف جي اختصار ۽ جامعيت مون کي موهي ورتو هو. مان پنجڪڙا لکڻ لڳس پر مَنَ ۾ آيو تہ هڪڙو تجربو ڪري ڏسان: پنجڪڙي کي ڇند وديا مطابق نہ پر علم



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اها حقيقت آهي تہ سگهاري شاعري تڏهن ئي سرجي سگهندي آهي جڏهن منَ ۾ تخليقي مانڌاڻ متل هوندو آهي. اعليٰ پائي جي شاعري سرجڻ مهل شاعر جي منَ مٿان هڪڙي سرمدي ڪيفيت طاري ٿيل هوندي آهي. سندس روح چوڻ زمان ۽ مڪان جي حدبندين کان آزاد ٿي ابد جي وشال آسمان ۾ پرواز ڪندو آهي. مان سمجهان ٿو اهائي وجداني ڪيفيت هوندي آهي جنهن ڪري ڪيترن فلاسفرن شاعريءَ کي مذهب کان مٿاهين مرتبي واري حيثيت ۾ ڏٺو آهي. جيئن فيض بہ هڪ انٽرويو ۾ چيو هو تہ "شاعر پنهنجي ذات مان نڪري ڪائنات سان لاڳاپو جوڙي ٿو."

هڪڙي ڳالهہ چوڻ هتي ضروري ٿو سمجهان تہ پابند شاعري لکڻ واري شاعر کي بحر وزن تي عبور حاصل هجڻ گهرجي. چو تہ منهنجي خيال ۾ تخيل ۽ جذبات جي وسيع سمونڊ ۾ لهڻ وقت "وزن" شاعر کي "ترهي" جو ڪم ڏيندو آهي. ايوب گل کي بحرون وزن تي قدرتي طور يا موزو طبعيت هئڻ جي ڪري ڪافي دسترس آهي پر پوءِ بہ ڪافي جاين جتي هو وزن جي حوالي سان ٿاپا کائي ٿو جنهن تي کيس قابو پائڻ گهرجي. چو تہ ان جي ڪري سندس شاعريءَ ۾ اهو تاثر نہ ٿو رهي جيڪو هڪ سٺو پابند شعر، دلين تي ڇڏيندو آهي. (مان سمجهان ٿو هن وزن جي ڪنهن کان سکيا نہ ورتي آهي نہ ئي اُن جو چڱيءَ طرح مطالعو ڪيو اٿائين) ڪافي پنجڪڙا وزن تي بہ پورا نہ آهن ۽ جيڪي لفظ حذف ڪرڻ جهڙا نہ هوندا آهن اُهي بہ حذف ٿو ڪريو وڃي. جيئن هن پنجڪڙي ۾ وزن جي حوالي سان غلطي ڪئي اٿائين.

حسين سوچ جو حسن، حسين حسن جو ڪمال
حسين جي نگاهہ ۾ نبي جي نگاهہ هُئي
حسين جي جمال جي، دين کي پناهہ هئي
يزيد ڏليل جو ذليل، يزيد زوال جو زوال
حسين سوچ جو حسن، حسين حسن جو ڪمال

هن پنجڪڙي جو وزن هجڻ گهرجي چار پيرا مفاعلن، پر سڀ سٽون ان وزن تي پوريون نہ ٿيون بيهن. ايوب گل کي وزن جي حوالي سان پنهنجين ڪوتاهين تي قابو پائڻ گهرجي. آسان شاعرن کي بحر وزن جو خاص خيال رکڻ گهرجي جيڪڏهن اسين پابند شاعري لکون ٿا. باقي آزاد نظم يا نثري نظم لکڻ وقت ماٺهو آزاديءَ سان لکي سگهي ٿو پر ايتري آزادي تہ اُنهن ۾ بہ نہ آهي. انهن ۾ بہ هڪ قسم جي پابنديءَ جو احترام ڪرڻو پوي ٿو جيئن داخلي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهنگ آهي، تسلسل آهي. حقيقت اها آهي تہ مون کي سيني شاعرائين صنفن ۾ ”نثري نظم“ لکڻ وڌيڪ ڏکيو لڳندو آهي. مصطفيٰ ارباب، فراق هاليپوٽي يا روحل ڪالرو جا نثري نظم پڙهي مان دنگ رهجي ويندو آهيان.

مون ڏٺو آهي تہ پابند شاعريءَ ۾ سِٽ جي سٽاءَ، چست بندش، دلربا لهجي، بي سافتگي، رواني ۽ اڇوتي آهنگ سان پڙهندڙ تي جڻ ساحرانہ ڪيفيت طاري ٿي ويندي آهي. ضروري آهي تہ شاعر کي انهن سيني ڳالهين جو خيال رکڻ گهرجي، نہ تہ شعر ۾ اهو تاثر پيدا ٿي نہ سگهندو جيڪو دلين کي گرمائي ۽ وجد ۾ آڻي ڇڏي. مون وجد لفظ ان ڪري استعمال ڪيو جو مون، شعر جي سرجڻ واري عمل کي صوفيءَ جي وجد واري ڪيفيت جي ڏاڍو قريب محسوس ڪيو آهي.

پنجڪڙي واري صنف جي سِٽاءَ جي حوالي سان مان عرض ڪريان تہ ان جون پنج ئي سِٽُن هڪ ٻئي سان خيال جي اُڻت ۾ لاڳاپيل هجن. هڪ سِٽ کان پوءِ جيڪا سِٽ اَچي اُها مٿين سِٽ جي مفهوم کي وڌيڪ ڪشادو ڪري ۽ معنوي وسعت بخشي. ائين پنجڪڙي جي پنجن ئي سٽن جو پاڻ ۾ اَڻ ٽٽ رشتو هجي ۽ اُهي هڪڙو گڏيل جامع تخيل پيش ڪن. اهائي ڪامياب پنجڪڙي جي نشاني آهي. باقي اسان جا شاعر دوست جيڪي پنجڪڙا لکن ٿا (ايوب جا بہ ڪافي پنجڪڙا اهڙا آهن) جن ۾ سِٽُون تہ برابر خوبصورت آهن پر انهن جو پاڻ ۾ داخلي ربط نہ آهي. اهي جڻ ڪنهن غزل مان کنيل سٽون معلوم ٿين ٿيون. منهنجي خيال ۾ اهڙا پنجڪڙا، پنجڪڙي جون فني تقاضائون پوريون نہ ٿا ڪن. انهن جو ڍانچو رڳو پنجڪڙي جهڙو ڪري رکيو ويو آهي. سُٺو غزل لکندڙ شاعر، پنجڪڙو بہ سُٺو لکي سگهي ٿو بشرطيڪ پنجڪڙي جي پنجن سٽن ۾ پنهنجي تخيل کي ڏاڍي سيبتائيءَ سان ۽ ڀرپور نموني پنهنجي تڪميل تائين پهچائڻ ۾ ڪامياب وڃي، باقي غزل جو فرداً فرداً سٽون لکي انهن کي هرويرو پنجڪڙي جو روپ ڏيڻ نہ گهرجي.

ايوب گل جا پنجڪڙا سنڌي شاعري ۾ منفرد حسن رکن ٿا. خوشيءَ جي ڳالھ آهي تہ منهنجي پنجڪڙن جي ڪتاب ڪانپوءِ وري هاڻي اسان کي ايوب گل جو مڪمل پنجڪڙن جو ڪتاب پڙهڻ لاءِ مليو آهي. جنهن ۾ سندس، لاجواب پنجڪڙا آهن. مان سمجهان ٿو ڪتاب جي لاءِ هن پنجڪڙي جي چونڊ ڪئي ۽ ڪرڻ بہ ائين گهرجي چو تہ ضروري ناهي تہ شاعر کان هر وقت سُٺي شاعري سرجي. ان ڪري ڪتاب ڇپائڻ وقت سليڪشن ڪري صرف



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنيون شيون ئي پڙهندڙ کي پڙهڻ لاءِ ڏجن باقي هرو پرو انهن جو وقت نه وڃائجي. جيڪي تخليقون پڙهندڙ کي سرور بخشين. انهن جي تنهائيءَ وارين گهڙين کي خوشگوار بڻائين. غمگين گهڙين ۾ انهن جي مَنَ کي ڪا آٿت ڏين کين اها شاعري تحفي طور ڏجي. مون تہ خدا کي بہ اهڙي شاعري تحفي طور ڏيڻ جي ڳالهہ ڪئي هئي هڪ بيت ۾ اُهو تو ياد اچي.

جنت جي ڪنهن باغ ۾ گوتا رَچيندس
نيري ورق تي لکي، پارَ جيان ويندس
تحفي ۾ ڏيندس، آءٌ خدا کي شاعري

هر سگهاري شاعر جي شاعري ۾ استعارا ۽ علامتون هونديون آهن جيڪي، سندس شعري ڪائنات جي رمز ڪُشائي ڪنديون آهن. اهي چڻ انهن ڪنجين جيان هونديون آهن. جن وسيلي اسان لاءِ شاعر جي مَنَ جا دروازا کلندا آهن ۽ معنائن جي موتين تائين اسان جي رسائي ٿي ويندي آهي. اهي علامتون ڏاڍيون معنيٰ خيز هونديون آهن. انهن وسيلي ئي شاعر پنهنجي ذات جو هڪ مقرر جهان جنميندو آهي. ايوب گل جي مجموعي "سمونڊ تو مون کي سڏي" کي پڙهنديٰ بہ اسان جو واسطو اهڙين ڪيترين ئي علامتن ۽ استعارن سان پوي ٿو. جيتوڻيڪ اُهي اسان جي ڏٺل وائٺل زندگيءَ مان ورتل آهن پر انهن جو اهڙو تہ خوبصورت تخليقي استعمال ٿيل آهي جو انهن ۾ هڪ قسم جي گهرائي پيدا ٿي پئي آهي ۽ انهن سان شاعر جي داخليت جو ڀرپور اظهار ٿئي ٿو ۽ پڙهندڙ جون بہ چڻ ڪي فراموش ٿيل يادون ڀيهر جاڳي پون ٿيون ۽ انهن تي ڪا ساحرانہ ڪيفيت طاري ٿيو وڃي. انهن ۾ اهڙي جوت جڳمڳائيندي نظر اچي ٿي جيڪا اکين ۾ عڪس اجاگر ڪرڻ سان گڏوگڏ من کي روشن ڪريو ڇڏي. اهڙا ڪيترائي علامتي لفظ ايوب جي شاعريءَ جا سينگار آهن جيئن: سمونڊ، آسمان، پکي، زنجير، خواب، نگينو دريا، صحرا، منزل، بادل ، ڪڙ راهہ، پينگهہ ڪرٽا، آئينو ۽ ٻيا ڪيترائي لفظ آهن جيڪي ايوب جي شاعريءَ ۾ علامتن جي روپ ۾ نظر اچن ٿا. جن ۾ زندگيءَ جو حسن جهلڪي ٿو. مطلب تہ هن جي شاعري علامتن ۽ استعارن سان ٽمٽار آهي انهن ۾ معنائن جو سمونڊ ڇُلڪي رهيو آهي.

ڏٺو وڃي تہ ايوب گل پنهنجي پنجڪڙي ۾ جيڪا شاعراڻي فضا جوڙي ٿو اها غزل جي ڏاڍو قريب آهي. جيئنَ غزل جو واسطو خارجيت سان گهٽ پر شاعر جي داخليت سان وڌيڪ هوندو آهي. شاعر منظر ڪشي ڪرڻ بجاءِ ان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نرالو ڍنگ حاصل ڪري وٺندو آهي جيڪو ٻين کان مختلف هوندو آهي. جن شاعرن ۾ حقيقي شاعراڻو جوهر موجود هوندو آهي تہ اُهي تيزيءَ سان اڳتي وڌندا آهن شاعر جي حيثيت ۾ اَمرتا ماڻي وٺندا آهن. باقي گهڻا تہ سڄي عمر رڳي ٽُڪبندي ڪندا رهندا آهن. ايوب گل شاعرن جي ان قبيلي جو فرد آهي جن جي اندر ۾ ازلي بيقراري هوندي آهي. مَنَ جي اها لوچ پوچ ڪين ڪڏهن بہ سُڪون سان ويهڻ نہ ڏيندي آهي. سنڌي شاعرن جو سرواڻ پنائي بہ هڪ بيقرار روح هيو تہ اياز کي بہ ازلي بيقراري نصيب ٿي هئي. ڊاڪٽر جي منع ڪرڻ باوجود هُن ڪڏهن لکڻ بند نہ ڪيو. اهائي ازلي بيقراري انهن شاعرن کي تخليقي سفر ۾ روان دوان رکندي آهي.

اهي شاعري ان لاءِ نہ لکندا آهن تہ کين شهرت ملي يا پنهنجي پڙهندڙن، ٻڌندڙن کي متاثر ڪن پر شاعري انهن لاءِ پاڻ کي نئين سر دريافت ڪرڻ جو عمل هوندي آهي. اندر جي اٿاهہ بيقراري، ڪائنات ۽ زندگيءَ کي پروڙڻ جي هور ڪور، عورت جو حسن، عشق ۽ فطرت جو حسن انهن جا تخليق سرچشما هوندا آهن. ايوب گل جي شاعريءَ ۾ بہ مون کي انهن جي جهلڪ نظر اچي ٿي.

ايوب گل جي شاعري پنهنجي مانوارن پڙهندڙ جي حوالي ڪرڻ کان اڳ مان هڪڙو عرض ڪندو هلان تہ صحافت بہ مون کي هڪڙي سمونڊ جيان نظر ايندي آهي. (يا متان اُهو رڻ هجي جيڪو پري کان سمونڊ لڳندو هجي تہ صحافت جي سمونڊ ۾ ڪيترائي وڏا مانگر مڇ بہ آهن. اسان جو شاعر ايوب گل بہ مانگر مڇ سان اُلجهي پيو آهي. شڪر آهي تہ اجان ساڻو نہ ٿيو آهي نہ ئي اندر جي شاعر کي مرڻ ڏنو اٿائين. پر پوءِ بہ، ڪيس احساس هئڻ گهرجي تہ هن جي اندر جو شاعر خطرن ۾ گهيريل آهي. جنهن لاءِ کيس چوڪس رهڻ گهرجي. ڇو تہ سنڌي شاعريءَ کي ايوب گل جهڙن شاعرن جي ضرورت آهي.

سعيد ميمڻ

عاقل- لاڙڪاڻو
21، آگسٽ 2011



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پنهنجي پاران

منهنجي لاءِ سڀ کان وڏيڪ ڏکيو ڪم پنهنجي ڪتاب ۾ پنهنجي پاران ڪجهه لکڻ آهي، ان ڪري ئي هي ڪتاب ايڏو دير سان توهان جي هٿن ۾ پهتو آهي، باقي شاعري ته گذريل فيبروري 2011 کان ڪمپوزنگ وغيره جي سڀني مرحلن مان گذري چڪي هئي. منهنجو پهريون ڪتاب:"رنگن جي خانه بدوشي" به منهنجي ان ئي سستيءَ جي ڪري ليٽ ٿيو هو. هينئر جڏهن انعام ڏمڪي ڏيندي چيو آهي ته جيڪڏهن مون ٻن ڏينهن ۾ هن کي پنهنجي پاران ڪجهه نه لکي ڏنو ته هو مواد واپس ته ڪندو پر دوستيءَ جي رشتي کي به ڪس لڳي سگهي ٿي، تڏهن مجبور ٿي قلم کنيو اٿم. پر سوچيان ٿو ته لکان ڇا؟ سڀ ڪجهه ته شاعري ۾ چئي چڪو آهيان.

شاعري پنهنجو پاڻ لکرائيندي آهي، ڊراما پيٽ لکرائي ٿو پر پنهنجي پاران لکڻ کي پبلشر دوست انعام عباسي منهنجي مجبوري ۾ شامل ڪيو آهي، ان ڪري ڪجهه لکڻو به پوندو. پر ڇا لکجي؟ اهو سوال هر هر اڳيان ڦري اچي ٿو ۽ ان جي جواب لاءِ مان پنهنجي جيءَ اندر جهاتي پائڻ جي ڪوشش ڪيان ٿو. اهو سچ آهي ته ماڻهو جو من به پنهنجو پاڻ ۾ هڪ ڪائنات وانگر آهي. شاعر جڏهن ان ڪائنات ۾ نظر ڦيرائيندو آهي، خيالن جا نه ڄاڻ ڪيترا موتي ميڙي وٺندو آهي. پوءِ مان ڇو نه پيو لکي سگهان؟ جنوري جي ٺريل رات ۾ ڇا منهنجا خيال به برف ٿي ويا آهن؟ اهڙن سوالن جي گهيري ۾ آخرڪار ڪنهن جي ياد مونکي پنهنجي ان ڳوٺ ڏانهن موٽائي ٿي، جتي منهنجي ننڍپڻ جا ڪيترائي معصوم خواب مونکي حسرت مان ڏسي رهيا آهن ۽ آئون انهن کان پري شهر جي شور ۾ ڪڏهن پاڻ کي ڳوليندي، وقت گذاريان ٿو ته ڪڏهن پنهنجو پاڻ کي رولينديءَ ڏينهن ڪٽجن ٿا. شايد اهو مون اڪيلي جو الميو نه آهي، انهي صف ۾ بيا به ڪيترائي يار بيٺل هوندا پر هجوم ۾ اسان جي هڪ ٻئي تي نظر نٿي پوي. پنهنجي روز جي معمول تي سوچيندي مونکي هميشه دوست شاعر علي آڪاش جو نظم ياد ايندو آهي. جيڪو هن حيدرآباد ۾ اخبار ۾ نوڪري دوران اسان سڀني دوستن جي دلين جي ترجماني ڪندي لکيو هو...



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيريئر کان تمام گهڻو خوش ۽ مطمئن آهيان. ڇو ته هن شعبي مونکي نه صرف سڃاڻپ ڏني آهي پر ڪافي سارا بي مثال رشتا به منهنجي ڀاڱي ۾ وڌا آهن. ايتري حد تائين جو هي ڪتاب ڇپجڻ جي پٺيان به انهيءَ شعبي جي مدد شامل آهي. ميان ٿو ته ڪجهه عرصي تائين آئون ڊرامن لکڻ ۾ ايترو مشغول ٿي ويو هئس جو شاعري کان دوري پيدا ٿي پر شايد هر شاعر جي زندگي ۾ اهڙو هڪ خاموشيءَ جو زمانو ضرور ايندو آهي جڏهن شاعري هن کان پري ٿي بيهندي آهي، انڪري آئون پنهنجو پاڻ کي مطمئن ڪرڻ لاءِ دل جي اڳيان اهو جواز رکي سگهان ٿو ته ان ڏکهي وقتي جون ذميوار منهنجون شوبز جون مصروفيتون نه آهن بلڪ اهو ماٺ جو وقت فطري هيو.

پڇاڙيءَ ۾ آئون پنهنجن انهن دوستن کي به ياد ڪرڻ کان رهي نٿو سگهان جن جي ساٿ ۽ رهنمائي جي ڪري آئون گهڻو ڪجهه سکيو آهيان ۽ سکندو رهان ٿو منهنجي قلم انهن جي علم مان ڪجهه روشنائي به ضرور ڪنئي هوندي. رحمت الله ماڃوٽي، حفيظ ڪنير، اعجاز منگي، طارق قريشي، ماڻڪ ڪنگراڻيءَ ۽ فرهاد قائم خاني جا نالا انهن ۾ سرفهرست آهن. جڏهن ته علي آڪاش، علي زاهد، سعيد سومرو، حاجي ساند، اختر ڪنير ۽ فراق هاليپوٽو به منهنجي زندگي ۽ فن جو اڻٽٽ حصو ٿي رهندا.

گڏوگڏ آئون پنهنجي مهربان دوست نور جوکيو جو به احسانمند آهيان جنهن مونکي هميشه وڌڻ وانگر سنڀاليو آهي، وڃائجڻ ناهي ڏنو.

ايوب گل

4 جنوري 2012

ڪراچي

موبائل نمبر: 0333_2652160



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

درد جي ساڳي زبان، تنهنجو هجي، منهنجو هجي
تنهنجيون اکيون پرجي اچن، منهنجون اکيون پرجي اچن
هي سهيليون جڻ دليون، گڏجي کلن گڏجي روئن
عمر ڀر هي آسمان، تنهنجو هجي، منهنجو هجي
درد جي ساڳي زبان، تنهنجو هجي منهنجو هجي

***

پنهنجا نيڻ ـ پرايا سپنا
هُن جون يادون، هُن جون ڳالهيون
کلنديون، اکڙيون آليون
هوءَ وئي ۽ آيا سپنا
پنهنجا نيڻ، پرايا سپنا

***



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊسمبر لڙڪ لاڙيندي، ڇڏي ويو جنوري پويان،
الا ساٿيون اڪيلايون، اوهان جي بيرخي ساٿي.
اڪين ۾ درد ساٿيو آ، اڄا دل ھي ڏکي ساٿي
اڄا هڪ لهر گذري هئي، ٻي آهي وري پويان
ڊسمبر لڙڪ لاڙيندي، ڇڏي ويو جنوري پويان!

***

ڪڏهن دل چريءَ کي سڏيندينءَ تہ ايندي!
لڙيءَ رات چنڊ جي جڏهن ناوَ ترندي
ستارن سان گڏجي سندي دل ٻہ ٻرندي
وري پيار ان سان ونديندين تہ ايندي!
ڪڏهن دل چريءَ کي سڏيندينءَ تہ ايندي!

***



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪلهه چنڊ تي پيرا لڌا_ تنهنجا هيا
ڪيترو مون ڪان پري نڪري وئين منهنجي مني!
دل ياد توکي ٿي ڪري، ٻُلجي وئين منهنجي مني!
ٿي نيڻ، نيٽن ۾ لٿا، تنهنجا هيا،
ڪلهه چنڊ تي پيرا لڌا، تنهنجا هيا!

***

دل ڇري دلگير آهي، ياد تنهنجي ٿي اچي!
تون اچين ٿي خواب منهنجا ٿا سکي رنگين ٿين
جي وڃين ٿي نيڻ نيرا ڪيترا غمگين ٿين
درد دامن گير آهي ياد تنهنجي ٿي اچي
دل ڇري دلگير آهي، ياد تنهنجي ٿي اچي.

***



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهنجي وارن جي ورن ۾ ڪيتريون ئي سانوڻيون
نيڻ تنهنجا، ناز تنهنجا، چنڊ ڪي انداز تنهنجا
جيترا ٻادل وسيا، جڻ ته ها همراز تنهنجا
رقص ۾ جڻ مور ها، ايتريون ڳالهيون وڻيون
تنهنجي وارن جي ورن ۾ ڪيتريون ئي سانوڻيون

****

زندگي جي هر گهڙي آ حادثن سان هم ڪنار
نيڻ خوابن جي نگر جي راهه ۾ ماريا ويا
پيار جي هر ناز تان، انداز تان واريا ويا
ڪنهن گهڙيءَ دل منتشر ۽ ڪنهن گهڙيءَ آ اشڪبار
زندگي جي هر گهڙي آ حادثن سان هم ڪنار

***



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مـلـي مُسـڪـرائـيـن، ڪـلـي مـوڪـلائـيـن!
اوهـان جـون سـيـيـئـي ادائـون عـجـب!
وڇـوڙا وڍيـنـدڙ سـزائـون عـجـب
جـڏهـن نـيـڻ ڦـيـريـن، تـڏهـن دل جـلائـيـن
مـلـي مُسـڪـرائـيـن، ڪـلـي مـوڪـلائـيـن.

***

الا، پـنـهـنـجـو دريـاهـ صَـحـرا نـہ ٿـئـي هـا
ڇـلـي اپ لـهـرون لـتـاڙي هـلـن هـا
سـتـارا بـہ خـود سـان سـلـهـاڙي هـلـن هـا
ڪـڏهـن ديـس پـنـهـنـجـو هـي ڳـوڙها نـہ ٿـئـي هـا
الا پـنـهـنـجـو دريـاهـ صـحـرا نـہ ٿـئـي هـا

***


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ملائي نيڻ نيڻن سان چيائين بارشون سوچيون
وري تارا ڳلي لايون، سڄو آڪاش جاڳايون
گلابن سان رکي ريسون، هزارين ڦول مهڪايون
وساري درد جا لمحا، وري ساڳيون خوشيون سوچيون
ملائي نيڻ نيڻن سان چيائين بارشون سوچيون

***

ملن نيڻ مرڪن، ٽين ڏار برسن
چوي دل تہ توکي منديءَ منجهہ مڙهجي
اکين منجهہ آڻي، سڄي رات پڙهجي
اچي ننڊ تنهنجي، خوابن لاءِ ترسن
ملن نيڻ مرڪن، ٻين ڏار برسن

***


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهنجي منهنجي هڪڙي دل آ
مان مرڪان جي، تون بہ کلين ٿي
مون کي تون مون منجهہ ملين ٿي
دنيا تنهنجو چڻ آنچل آ
تنهنجي منهنجي هڪڙي دل آ

***

اکين ۾ پکين جون کهاڻيون ڇڏي وئي
اندر ۾ پري وئي ڪي غمگين راتيون
ڪٽي پاڻ سان وئي سڪي ڪائناتون
وڇوڙن ۾ ويڙهيل رهاڻيون ڇڏي وئي
اکين ۾ پکين جون کهاڻيون ڇڏي وئي

***


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسان جي عشق جي منزل، اوهان جون ئي اکيون آهن
اکيون سهڻيون سپين جهڙيون، انهن ۾ خواب جا موتي
انهن ۾ سانجهه جا ڏيئا، انهن ۾ پيار جي جوتي
هوائون، موسمون، خوشبو سيئي تنهنجون سکيون آهن
اسان جي عشق جي منزل، اوهان جون ئي اکيون آهن

***

نيڻ اجايل، بادل سپنا
دل ۾ ڪو به نه دريا جاڳيو
روز اکين ۾ صحرا جاڳيو
تنهنجي ويندي پاڳل سپنا
نيڻ اجايل بادل سپنا

***



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسين نيڻ تنهنجا سنياري رناسين
پرين دل اوهان لئه سڄي رات ٻاري
اوهان لاءِ خوشبو هوا ۾ اُڏاري
اجارا نَدين جي ڪناري رناسين
اسين نَيڻ تنهنجا سنياري رناسين

***

ڪونه تو نبري سگهي تنهنجي ٻنا
درد ڪيڏو ٻي چيو ۽ اڻ جهليو
ننڊ توڙي جاڳ ۾ گڏجي هليو
چئو ڀلا، ايندينءَ ڪڏهن تون روشنا؟
ڪونه تو نبري سگهي تنهنجي ٻنا

***



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ورن شام ٽاڻي، پکي يادگيريون
اسين روح ٽائين وڻن جون قطارون
سنڌوءَ جي ڪڙَن تي ٻڙن جون قطارون
اچن دل سڄاڻي، سکي يادگيريون
ورن شام ٽاڻي، پکي يادگيريون

***

زندگي ڪو خواب آ يا چنڊ جي تمثيل آ
نيڻ نيڻن تي جهڪن ٿا، سمنڊ تي سانجهي ڪُلي
تنهنجي يادن جي نگر ۾، دل اچا پاڳل رُلي
سونهن جو تفصيل ۽ پيار جي تڪميل آ
زندگي ڪو خواب آ، يا چنڊ جي تمثيل آ

***



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسين ناڪام ناهيون ٿيا، اڃا گمنام ناهيون ٿيا
سفر دل جو اهو ساڳيو اهي ئي راهه ۾ راتيون
اڃا پر سوچ ۾ آهن، سوين سان ملاقاتيون
اوهان جي نام ناهيون ٿيا، صفا بدنام ناهيون ٿيا
اسين ناڪام ناهيون ٿا، اڃا گمنام ناهيون ٿيا

***

عشق دل جي ياد ۾ ٻانهن تنهنجيءَ جو ڪڙو
عشق ساحل جي مٿان اڻ جهلي ڪائي لهر
رات ڪاري جي پنيان، تنهنجي نيڻن جي سحر
عشق ڪيڏو معتبر، عشق ڪيڏو بي وڙو
عشق دل جي ياد ۾ ٻانهن تنهنجيءَ جو ڪڙو

***



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنھنجا نيڻ پرايا سپنا
تنھنجون يادون، تنھنجون ڳالھيون
ڪلنديون ڪلنديون اکڙيون آليون
تون وئين پوءِ آيا سپنا
پنھنجا نيڻ پرايا سپنا

***

اسان ڪان نه وسريا اهي ڳوٺ جا وڻ
گلابن جي پينگھن ۾ لڏندڙ جوانيون
ڪڏھن نيڻ آلا، ڪڏھن شادمانيون
وڃون ٿا خوابن اندر روز ڳولڻ
اسان ڪان نه وسريا اهي ڳوٺ جا وڻ

***



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تو نشانيءَ ۾ اسان کي چنڊ آهي ڏٺي چڏيو
سج جا ڪرڻا ڏٺا تو رات جا تارا ڏٺا
تو اسان کي ياد ۾ نيڻ ٻاجهارا ڏٺا
تو اسان کي پيار جو سمنڊ آهي ڏئي ڇڏيو
تو نشانيءَ ۾ اسانکي چنڊ آهي ڏئي ڇڏيو

***

جڏهن نيڻ تنهنجا ملي مُسڪرائن
تڙي دل سنجها جي ستارن سان گڏجي
هوائن سان گڏجي، نظارن سان گڏجي
تڏهن دل سان گڏجي پکي گيت ڳائن
جڏهن نيڻ تنهنجا ملي مُسڪرائن

***



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسان جي دل جو آئينو نہ ڏنڌلايو
سدا لڙڪن سان ڌوتو آ عڪس تنهنجو
رهيو آ روح منهنجي ۾ رقص تنهنجو
اوهان جو روپ روزانو اسان جي خيال ۾ آيو
اسان جي دل جو آئينو نہ ڏنڌلايو

***

هلي وئي هٿ لوڏيندي خدا حافظ
اسان ان جاءِ تان اڳتي وڌيا ناهيون
اڃا ان جاءِ تان پٺتي هٽيا ناهيون
وڇوڙن جون رُتون ڏيندي خدا حافظ
هلي وئي هٿ لوڏيندي خدا حافظ

***



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڇوڙن جي وصالن جي ڪهاڻي آ
حياتي ڏار توڪان آ مرڻ جهڙي
رڃن ۾ پنڪندڙ پياسي هرڻ جهڙي
عجب شروعات جي اڌ ۾ پڄاڻي آ
وڇوڙن جي وصالن جي ڪهاڻي آ

***

ڪهڙي ڪهڙي آس رکين دل توکي ڇاهي
تون تہ چوين ٿي ڪنپ ملن ها، اُڏرڻ لئہ آڪاس
توتہ گهريا ها سانجهين جهڙا رنگ رتا احساس
پٿرن ۾ وشواس رکين دل توکي ڇاهي
ڪهڙي ڪهڙي آس رکين دل توکي ڇاهي

***



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

درياهه ۾ لهرون اٿيون ڇا، چنڊ کي ڀوڙي هليون
ايڏو ڏمر پنهنجن مٿان، اڳ ۾ ڪڏهن ناهي ڪندو
هي معتبر پنهنجن مٿان، اڳ ائين ناهي گذرندو
ديس کي ڀاڪر ڀري، ڀوءِ سمنڊ کي ڀوڙي هليون
درياهه ۾ لهرون اٿيون ڇا، چنڊ کي ڀوڙي هليون

***

پنهنجا نيڻ پرايا ٿي ويا
روح اندر ۾ ڏاريو ساحل
رات سڄي هڪ ساريو ساحل
آخر پيار اجايا ٿي ويا
پنهَنجا نيڻ پرايا ٿي ويا

***



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايندو نه وري ٽوڏي
دل جو هي لڙي ٻيڙو
ٽيندو نه ڪڏهن ميڙو
اڄ ويهه لڳي گوڏي
ايندو نه وري ٽوڏي

***

ملي نيڻ مرڪيا، ڪلي موڪلايا
سڄو ڏينهن تنهنجين سنيارن ۾ گذريو
نشيلين، نماڻين، نهارن ۾ گذريو
پرين ڏار ٽنيا جو لڙي لڙڪ آيا
ملي نيڻ مرڪيا، ڪلي موڪلايا

***



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

اسان تنهنجين نهارن ۾ اجا نيري ندي آهيون
اجا دل جي انڌيري ۾ چٽي تي روشني تنهنجي
اسان تنهنجا مٺي جانان! اسان جي زندگي تنهنجي
وصالن جي گهڙي آهيون، وڇوڙن جي صدي آهيون
اسان تنهنجين نهارن ۾ اجا نيري ندي آهيون

***

اکيون مسڪرايون، اکين گيت سوچيا
اوهان سان ملڻ جي وري ڳالهه نڪتي
گلن جي کلڻ جي وري ڳالهه نڪتي
اهي آشنايون، اهي ميت سوچيا
اکيون مسڪرايون، اکين گيت سوچيا

***



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تـو تـہ وارن جـي ورن ۾ رات کـي ويـڙهـي چـڏيـو
چـنـڊ کـي جـهـومر ٻـڌايـئہ ۽ ڪـڏهـن نـڪ جـي ڦُـلـي
نـيڻ نـيـڻـن سـان مـلائـيـہ ڳـالـهہ هـر ڪـنـهـن تـي کُـلـي
ڏار تـي وکـريـو هـيـس، تـو پـريـن مـيـڙي چـڏيـو
تـو تـہ وارن جـي ورن ۾ رات کـي ويـڙهـي چـڏيـو

***

چـيـائـيـن شـام مـوتـي تـي پـکـيـن سـان گـڏ وڻـن تـائـيـن
امـبـر تـي رات پـهـچـي تـي، سـتـارن جـا کـٽـي ڏيـئـا
ڪِـرن تـا پـوءِ دريـا تـي، سـتـارن جـا چِـٽـي ڏيـئـا
چـيـوسـيـن دل بـہ پـهـچـي تـي سـکـيـن سـان گـڏ وڻـن تـائـيـن
چـيـائـيـن شـام مـوتـي تـي پـکـيـن سـان گـڏ وڻـن تـائـيـن

***



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوهان ڳالهين جي ٻيڙي ۾، هلو هُن پار ٽا گڏجي
ڪڏهن چنڊ تي قدم پئجن، ڪڏهن اڳتي، اجا اڳتي
ملڻ، مرڪڻ وري وڇڙڻ، ستارن جي سڪي دڳ تي
اسان جي دل جي دنيا ۾ نچن سنسار ٽا گڏجي
اوهان ڳالهين جي ٻيڙي ۾، هلو هن پار ٽا گڏجي

***

ٽورڙو مرڪي ڏنائين، ڇڻ ڏنائين ڪونہ ڪجھہ
پيار سان ميڙي اسان کي پوءِ پڪيڙي وئي هلي
هوءَ گهٽائون ڇڻ تہ وارن منجهہ ويڙهي وئي هلي
پاند ۾ ڪجھہ گل ڏنائين، ڇڻ ڏنائين ڪونہ ڪجھہ
ٽورڙو مرڪي ڏنائين، ڇڻ ڏنائين ڪونہ ڪجھہ

***


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسين نيڻ آهيون، اوهين خواب آهيو
وفا جي منديءَ جو نگينو سدائين
ڇهي پيار چلڪي ھي سينو سدائين
جي وچڙي وڃو تا، الا! آب آهيو
اسين نيڻ آهيون، اوهين خواب آهيو

***

پرين تنهنجي پيرن جو زنجير ٿيون جي
اسان جي حياتي وڃي دربدر ٿي
اوهان جي پڇاڻان، اوهان بن گذر ٿي
ڪڏهن تنهنجي نيڻن سندو نير ٿيون جي
پرين تنهنجي پيرن جو زنجير ٿيون جي

***



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻڪن ۾ پيار تنهنجي جا ڳُهرون ٽا بي بها موتي
اسان جيٰ دل هي هرجائي، سدا تارن جي تمنائي
ڪيوسين چنڊ جو سودو اوهان سان ٿي شناسائي
دعا جي موٽ ۾ جانان، مليا يادن سندا موتي
ٻڪن ۾ پيار تنهنجي جا ڳهرون ٽا بي بها موتي

***

ڇليو دل جو ساگر، رنا نيڻ رم جهم، اوهان ياد آيا
مٿان سانجهه ورندڙ پکين ڪان چوايو وري تون نه ايندين
چريءَ دل کي وڏندڙ وڇوڙن ٻڌايو وري تون نه ايندين
پُسيو لڪندي ڪاڳر، اچا تائين پُرنم اوهين ياد آيا
ڇليو دل جو ساگر، رنا نيڻ رم جهم، اوهان ياد آيا

***



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ملي مُسڪرايا، ڪِلي ڏار ٽي ويا
مسافر پرين ها، روانا ٿيا
مليا ڪو نہ پيهر، زمانا ٿيا
وڇوڙا وڏائي پري پيار ٽي ويا
مِلي مسڪرائي، ڪِلي ڏار ٽي ويا

***

اسان جي سڃاڻپ، اسان جي نشاني
هي اجرڪ جي ڦُلڙين ۾ ڌرتيءَ جو چهرو
۽ ٽوپي جا ڪاوا سدا سج سُنهرو
هي موهن دڙي جو آ ننڍپڻ، جواني
اسان جي سڃاڻپ، اسان جي نشاني

***



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسان سنڌ تنهنجيءَ سدا جو پڙاڏو
اسان جيڪي ٽوپي ۽ اجرڪ جا وارث
اسان مارئيءَ جي لوئيءَ جا وارث
وطن ۾ سدائين وفا جو پڙاڏو
اسان سنڌ تنهنجيءَ سدا جو پڙاڏو

***

جڏهن ڏار ٿيندين، رُلي پاڻ ويندين
اکيون آسرن جا لنگهي لڪ ٿڪبيون
زمينون وساري، ستارن سان ڀڪبيون
وڇوڙا ونديندي، سڪيءَ کي سڏيندين
جڏهن ڏار ٿيندين، رُلي پاڻ ويندين

***



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوهان جي پيار جو جانان! نٿي چو آسرو لاهي؟
اسان جي دل هي ويڳاڻي، پلڻ سان ڪونه ٿي پلجي
جهلي دامن، چوي هر هر پرين جي پارڙي هلجي
مٿان هي سار جو جانان! جبل اوچو ڪِريو آهي
اوهان جي پيار جو جانان! نٿي چو آسرو لاهي

***

خانه بدوشي ٿا ڪريون، پاڻ ۾ ڪجهه جاءِ ڏي
پير پنهنجا پنڌ ۾ ٿا مٿي ٿيندا وڃن
نيڻ موهن شهر جي، ڪا گهٽي ٿيندا وڃن
ڇا هي به آهي زندگي؟ تون به پنهنجي راءِ ڏي
خانه بدوشي ٿا ڪريون، پاڻ ۾ ڪجهه جاءِ ڏي

***



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوائن کان پڇي ڏسجان اهي توکي ٻڌائيندئون
اسان جي شهر جي شامن سدا توکي سنياريو آ
سنجهائن ۾ سويرن جو پڪين توکي پچاريو آ
اکيون خوابن جي ٻيڙي ۾ توکي واپس ورائينديون
هوائن کان پڇي ڏسجان اهي توکي ٻڌائينديون

***

ڪڏهن تون خواب ۾ کِلنديءَ وري ملنديءَ
اوهان جي ياد جا تارا اسان جو اُڀ ڇائيندا
اوهانجي ياد جو رستو اسان کي پيا ٻڌائيندا
ڪڏهن ٿي مورٽي ٿلنديءَ، وري ملنديءَ
ڪڏهن تون خواب ۾ ـ ڪلبنديءَ وري ملنديءَ

***



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوهين سهڻا، اوهان جون سڀ سڪيون سهڻيون
ورايو وار ٿا جانان! پريا بادل ڏسي مرڪن
ڏيو جي پيار ٿا جانان! پريان ساحل ڏسي مرڪن
اوهان جي خواب ۾ آيون، اسان جون ٿيون اکيون سهڻيون
اوهين سهڻا، اوهان جون سڀ سڪيون سهڻيون

***

دل ته ڪينجهر جي ڪنڌيءَ جو ڪو ڪنول هوندي هئي
تو ڇهي ڇيڙي ڇڏيون ڪي، روح پرور راڳڻيون
پوءِ تو ڦيريون اکيون ڇا، ٿا رات پر تارا ڳڻيون
ياد ٿئه هيءَ دل اسان جي، تنهنجو ڪجل هوندي هئي
دل ته ڪينجهر جي ڪنڌيءَ جو ڪو ڪنول هوندي هئي

***



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تو چيو ان کان اڳي جڏو الوداع جي ويل ٿئي
هڪ ٻئي جي ياڪرن ۾ ٿي وچون تحليل پاڻ
محبتن جو عاشقين جو ڪو نئون تفصيل پاڻ
دل وڇوڙن سان لڳي تو کان جدا جنهن ويل ٿئي
تو چيو ان کان اڳ جو الوداع جي ويل ٿئي

***

پاڻ ٻيئي هڪ ٻئي جي درسڻي آهيون مٿي
تو ڏنو منهنجين اکين ۾، جلوو پنهنجي نور جو
مون ڏٺو تنهنجي بدن ۾ پرتوو ڪنهن حُور جو
پاڻ ٻيئي هڪ ٻئي جي روشني آهيون مٿي
پاڻ ٻيئي هڪ ٻئي جي درسني آهيون مٿي

***



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زندگي جو ڪاروان اڳتي روان ۽ موت جي سرحد اڳيان
جڻ فنا جي لهر تي ٽو ساهه جو ٻيڙو تري
رات جي پوئين پهر جيئن، چنڊ جو ڏيئو ٻري
سمنڊ دل جو بيڪران ۽ موت جي سرحد اڳيان
زندگي جو ڪاروان اڳتي روان ۽ موت جي سرحد اڳيان

***

سنڌ شاعر جي اکين ۾ محبوب جي چهري جيان
يار جي جڻ ننڊ آهي، خواب ۾ ڪِل ڦل پري
رات جو درياهه تي آ، چنڊ جي جادوگري
ڏور پربت جي پريان ڪنهن بين جي لهري جيان
سنڌ شاعر جي اکين ۾ محبوب جي چهري جيان

***


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪڏهن گمنام راهن تان اسين ناڪام موٽياسين
ڪڏهن بي نام موسم ۾ ٽڙي ڇڻندي گذاريو هو
پرين هڪ شام رم جهم ۾، اڪين وسندي گذاريو هو
اسان پنڇي واهيرن ڏي، ڪرڻ وسرام موٽياسين
ڪڏهن گمنام راهن تان اسين ناڪام موٽياسين

***

اڪيون ويران ساحل تي، بدل ڪو ياد جو ٻيڙو
ڇپن تي چنڊ جون ڳالهيون، امبر جيڏيون اڪيلايون
اوهان جون ڳالهڙيون نڪتيون، لڳو ڪونجون اُڏي آيون
اهو تڪرار ڳوڙهن جو، ٿئي ڪو يار سان ميڙو
اڪيون ويران ساحل تي، بدل ڪو ياد جو ٻيڙو

***



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

دل پـــريـــنءَ جـــي پـــاز جـــو كـــوئـــي پـــكـــي
دل ســـڄـــڻ جـــي ســـار جـــو نـــيـــرو امـــبـــر
دل اويـــلـــي انـــتـــظـــاريءَ رهـــ گـــذر
دل اهـــا مـــحـــبـــوب تـــي مـــرنـــدڙ ســـكـــي
دل پـــريـــنءَ جـــي پـــار جـــو كـــوئـــي پـــكـــي

***

مـلـيـن هـا تـہ جـيـون گـلـن جـيـئـن تـڙي هـا
اچـيـن هـا تـہ مـن جـون ڳـلـيـون ڳـهـرجـن هـا
وسـيـن هـا تـہ دل جـون ولـيـون ڳـهـرجـن هـا
كـلـيـن هـا تـہ خـوشـبـو نشـي ۾ ٽـڙي هـا
مـلـيـن هـا تـہ جـيـون گـلـن جـيـئـن تـڙي هـا

***



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيائين: "جيڪڏهن مرڪي وري موڙيان اوهان ڪان منهن؟
ملائي نيڻ نيڻن سان وري وڇڙڻ جي چاهيان پوءِ؟
اچي ٻانهن جي گهيري ۾ پري نڪرڻ جي چاهيان پوءِ؟
چيوسين: "دل رلي ويندي، ٻڏي ويندي، اوهان جو سنهن؟"
چيائين: "جيڪڏهن مرڪي وري موڙيان اوهان ڪان منهن؟"

***

پڇيائين: "وار ڪوليون ۾ وڏي برسات ٿيون جيڪر؟"
چيوشين: "دل ٻڏي ويندي مگر وسڪار بهتر آ"
اسان جي روح صحرا تي اوهان جو آر بهتر آ"
چيائين: "نيڻ ڦيريون ۾ انڌيري رات ٿيون جيڪر؟"
پڇيائين: "وار ڪوليون ۾ وڏي برسات ٿيون جيڪر؟"

***



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوهان جو مُنهن مَٽيو آهي، اسان جو پيار ڇا معني؟
اسان جي روح جي بن ۾ نچيا ڪي مور تنهنجا ها
سدائين تات جي تن ۾ بچيا ڪي مور تنهنجا ها
اوهان جو نيڻ ڦيرايا، اڪين جو آر ڇا معني؟
اوهان جو مُنهن مَٽيو آهي، اسان جو پيار ڇا معني؟

❋❋❋

هڪڙو ماڻهو اسان کي وٺي ائين ويو
عمر گذري وئي ڪونه دل تان لٿو
سار سوچي پڇيو ڇو نه دل تان لٿو؟
خواب ڏيئي وري ننڊ کڻي ايئن ويو
هڪڙو ماڻهو اسان کي وٺي ايئن ويو

❋❋❋



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڻن کي ننڊ اچي وئي آ، پکين کي ڪير جاڳائي؟
لٿي آ رات آڳر ۾ بتيون گهرجون ننڊاکيون ٽيون
ٻڏي ويو چنڊ ساگر ۾ بتيون گهرجون ننڊاکيون ٽيون
سمهي پيون خواب تنهنجي ۾ اکين کي ڪير جاڳائي؟
وڻن کي ننَڊ اچي وئي آ، پکين کي ڪير جاڳائي؟

***

اسان جين اکين ۾ نه ننڊون نه سپنا
نه ئي پنڌ پورا، نه ئي جاڳ پوري
ملي جا به محبت اڌوري اڌوري
اسان ڪانه پاتي ڪا پوري ڪلپنا
اسان جين اکين ۾ نه ننڊون نه سپنا

***


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسين ڪاڪ تنهنجيءَ جا راڻا نہ هئاسين
ڪڏهن سونهن تنهنجي نہ ماڻي سگهياسين
نہ ئي پيار تنهنجو سڃاڻي سگهياسين
پرين! پار تنهنجي اڏاڻا نہ هئاسين
اسين ڪاڪ تنهنجيءَ جا راڻا نہ هئاسين

***

لُڙاتيل جَر مٿان سانجهيَ، اداسيءَ جي ڪٿا آهي
وڏا پيڙا، تڪيون لهرون ڪهاڻيءَ جو حصو آهن
پکي جي پار اڏري ويا پڄاڻيءَ جو قصو آهن
رنو پئي راڳ تي مانجهي، اداسءَ جي ڪٿا آهي
لڙاتيل جر مٿان سانجهي، اداسيءَ جي ڪٿا آهي

***


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تـو نـہ مـرڪـي ڏنـو ڪـجـهـہ چـيـو ئـي نـہ هـو
اسـان دل لڳـيءَ ۾ رڳـو خـواب مـيـڙيـا
رڳـو لـڙڪ پـوڪـيـا، رڳـو راڳ چـيـڙيـا
درد پـاڪـر پـريـو ۾ چـڏيـو ئـي نـہ هـو
تـو نـہ مـرڪـي ڏنـو ڪـجـهـہ چـيـو ئـي نـہ هـو

***

پريان ڪان ڏيک ساگرجو لڳي نيريءَ چُنيءَ وانگي
پـڪـي اجـرا، وڏيـون لـهـرون، لـڪـيـرون چـڻ
ڪناري جي سنهي واري وجهي ساهن ڪي سيرون چڻ
ڪُليو ائين خواب شاعرجو لڳي نيري چنيءَ وانگي
پريان ڪان ڏيک ساگر جو لڳي نيريءَ چنيءَ وانگي

***



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نديءَ جيئن نينهن تنهنجو هو پکي تي پاڻ آياسين
اوهان جي ننڊ نيرو جر، اسين نيرڳ رهيا آهيون
ڇُليو تي خواب جو ڪينجهر، اسين نيرڳ رهيا آهيون
وڏيا جو ويڻ تنهنجا ها، سکي تي پاڻ آياسين
نديءَ جيئن نينهن تنهنجو هو پکي تي پاڻ آياسين

***

ڪيترو دل کان پري تون، ڪيترو دل جي قريب
نيڻ کوليان ڏور آهين، نيڻ ٻوٽيان آسپاس
ننڊ ۾ ڏرتي لڳين ۽ جاڳ ۾ ويڙهي نه واسُ
تون ئي خود محبوب آهين، تون پرين! منهنجو رقيب
ڪيترو دل کان پري تون، ڪيترو دل جي قريب

***



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پريان ڪان ڏيک ساگر جو وچيل ڦاليں نيرو چڻ
اٿيون لهرون، وڏيون اڳتي، ڪنارين ڪي ڇهڻ آيون
اوهان جي ياد جون هيرون ستارن ڪي ڇهڻ آيون
لٿي جو رات پاٽين ۾، هيو غمگين، نيرو چڻ
پريان ڪان ڏيک ساگر جو وچيل ڦاليں نيرو چڻ

***

ڏنوسين ڏور لهرن ۾ ٻڏو تي سج جو سانجهيءَ جو
ڪنڌيءَ تي گهرڪڪاوان ڪجهه، جتي دردن جو ديرو هو
اتي دل ۾، اڪين ۾ ڇا، لڪيرن ۾ انڌيرو هو
پرئين پر جي وٽن پويان، ٻُريو تي گيت مانجهيءَ جو
ڏنوسين ڏور لهرن ۾ ٻڏو تي سج سانجهيءَ جو

***



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رُلون ٿا پاڻ ۾ پيهي، اوهان جي پريت جا جوڳي
اسان جون منزلون ڪهڙيون اسان جا آشيان ڪهڙا؟
اسان جا آسمان ڪهڙا، ستارن جا جهان ڪهڙا؟
زماني کي خبر ڪيهي، اسين ڪنهن ريتِ جا جوڳي
رُلون ٿا پاڻ ۾ پيهي، اوهان جي پريت جا جوڳي

***

اکيون سهڻيون سپين جهڙيون ، مزاجن مينهن جهڙي هئي
سندن نالو بہ ”بارش“ هو هوائن جي سکي خود هئي
وڻن ۾ جڻ اڏارون هئي، لڳو ٿي جڻ پکي خود هئي
ڳٽيان ڳالهيون اجا ڪهڙيون، جُهڙالي ڏينهن جهڙي هئي
اکيون سهڻيون سپين جهڙيون، مزاجن مينهن جهڙي هئي

***



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهنجو آواز اهڙو هو وڄي جيئن بانسري جانان
پرانهين پار کان ايندڙ پکي سڀ پيار تنهنجو هُئا
ڇُهي امبر، وريا بادل، اهي اظهار تنهنجو هئا
نڙي جيئن سانجهه نيري ۾، ڇٽي پئي شاعري جانان
تنهنجو آواز اهڙو هو وڄي جيئن بانسري جانان

❊❊❊

اکيون سهڻيون، اکيون اهڙيون، سمونڊ جون سکيون جهڙيون
انهن ۾ ميگهه جي موسم، جهڙالن جون جُهلن ڳالهيون
ڏسي مرڪن تہ ماڻهن ۾ هوائن ۾ هُلن ڳالهيون
ڪجن ڳالهيون اجا ڪهڙيون، سمونڊ جون سکيون جهڙيون
اکيون سهڻيون، اکيون اهڙيون، سمونڊ جون سکيون جهڙيون

❊❊❊



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڇوڙي جون گهڙيون ساڳيون، اهي ئي ڳالهڙيون ساڳيون
اوهان جي انتظاريءَ ۾، وري هڪ سال گذري ويو
لڳي ٿو رات ڪاريءَ ۾ وري هڪ سال گذري ويو
اهي لڙڪن لڙيون ساڳيون، اکين ۾ راتڙيون ساڳيون
وڇوڙي جون گهڙيون ساڳيون، اهي ئي ڳالهڙيون ساڳيون

❊❊❊

آئون تنهنجا نيڻ آهيان، ننڊ آهيان، خواب آهيان
خيال تنهنجا ڇڻ هرڻ ۾ جاڳ منهنجي رڻ جيان
تون لڳين ننڊڙو پڪي ۾ پيار منهنجو وڻ جيان
آئون تنهنجو اپ آهيان، چنڊ آهيان، خواب آهيان
آئون تنهنجا نيڻ آهيان، ننڊ آهيان، خواب آهيان

❊❊❊


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پرين هي نيڻ تنهنجا ڇڻ نمن جي ڇانو گهاٽي هئا
پڪيئڙا پيار منهنجا هئا، اڏاٽا پار تنهنجي ڏي
وساري ورهه جون واٽون پرين! سنسار تنهنجي ڏي
ڇڙهيو جو ڪيف نظرن جو؟ لڳو ڇڻ مڌ جي ماٽي هئا
پرين هي نيڻ تنهنجا ڇڻ نمن جي ڇانوَ گهاٽي هئا

***

ڇيوسين: ”وار تنهنجا هي اُڏي بادل لڪڻ ڇاهن
نڪورا نيڻ ڪينجهر تي، سنجها جو ڇڻ پيو پاڇو“
ڏسي مرڪي ڇيائين: ”هيئن! ايڏا پاڳل به آهيو ڇو؟“
ڇيوسين: ”پيار تنهنجا هي سندمر دل ٽا ڪسڻ ڇاهن.“
ڇيوسين: ”وار تنهنجا هي اُڏي بادل لڪڻ ڇاهن.“

***



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيوسين: ”دل چري آهي، ڪري جي ياد توکي پوءِ؟“
چيائين: ”ننڍ جي رستي سان خوابن ۾ ملڻ ايندس
چمن ۾ تون هليو اچجان، گلابن ۾ ٽڙڻ ايندس!“
چيوسين: ”روح ۾ ڪوئي ڪري آباد توکي پوءِ؟“
چيوسين: ”دل چري آهي، ڪري جي ياد توکي پوءِ؟“

***

رات اڌوري، چنڊ اڌورو مان ۽ منهنجا خواب اڌورا
دل جي صحرا، درد جي ڇايا، پيار پرايا
تنهنجو سوچيو هاڻ لڇيو ۽ لڙڪ اکين ۾ پيرجي آيا
بات اڌوري، تات اڌوري، مان ۽ منهنجا خواب اڌورا
رات اڌوري چنڊ اڌورو مان ۽ منهنجا خواب اڌورا

***



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چپائون ڪونہ تون ايندين، اجايو ديپ ٻاريون ٿا
انڌيري ۾ سهائيءَ جي سهائي آس بي معنيٰ
اوهين ٻادل تہ آهيو پر اسان جي پياس بي معنيٰ
اسان جو عشق بي معنيٰ، ڇا لئہ لڙڪ هاريون ٿا
چپائون ڪونہ تون ايندين، اجايو ديپ ٻاريون ٿا

***

”پاڻ تنهنجي دور جا جوڳي هئاسين اي متا“
پنڌ ۾ گذري وئي، ساري حياتي تو بنا
مينهنَ ڪان هئي بي خبر، واري حياتي تو بنا
ڪنهن پرانهين ماڳ تي پٺڪي مئاسين اي متا
”پاڻ تنهنجي دور جا جوڳي هئاسين اي متا“

***


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تو اسان جي جهول ۾ موتيا وجهي مرڪيو هيو
ياد ٿئي تو پاڻ ٿي جهومي چيو ڀو پيار ڪر
توچيو هو عشق جو اعلان ۽ اقرار ڪر
تو نديءَ جي وَهڪ متان، ڏيئا رکي مرڪيو هو
تو اسان جي جهول ۾ موتيا وجهي مرڪيو هيو

***

مون اجا تنهنجين اکين مان آسرو لاٿو نہ آ
هي اکيون، پياريون اکيون نيث ٿيندين مهربان
هي سمونڊن جون سڪيون، نيث ٿيندين مهربان
تو وڇوڙي جو ڇڏيو آ، درد جو ڪاٿو نہ آ
مون اجا تنهنجين اکين مان آسرو لاٿو نہ آ

***



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسان تي ياد تنهنجيءَ جو، ڪلي ٿو آسمان جانان
پرين هر ڳالهه ڪانءِ آهن، اوهان جون ڳالهڙيون پياريون
لڳن آڪاش ۾ جُهڙيون، ستارن جون لڙيون پياريون
اسان جو بي چيو هردو رُلي ٿو ڪل جهان جانان
اسان تي ياد تنهنجيءَ جو، ڪلي ٿو آسمان جانان!

***

اوهان سان ياد ۾ گڏجڻ وري وڇڙڻ مليو آهي
ڪلي ٿي ڳالهه وارن جي، اکين ۾ آبشارن جي
اوهان سان گڏ بهارن جي، نهارن ۾ خمارن جي
اوهان جي نانءَ سان سڏجڻ، وري وڇڙڻ مليو آهي
اوهان سان ياد ۾ گڏجڻ وري وڇڙڻ مليو آهي

***



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لڙي درياهہ تي سانجهي، وريا مانجهي
پکي وڻڪار ڏي موٽيا، وري هن پار ڏي موٽيا
ندورا نيڻ اوجاڳيل اوهان جي دئار ڏي موٽيا
مٿان هئي رات ميرانجهي، وريا مانجهي
لڙي درياهہ تي سانجهي، وريا مانجهي

***

هي ڳوڙهن ۾ ڳوهيل مٽيءَ جي ڪهاڻي
خوابن جي نيري نگر جو ڪو رستو
سڪيءَ جي سچاتل شهر جو ڪو رستو
اکين کان وڇوڙيل گهٽيءَ جي ڪهاڻي
هي ڳوڙهن ۾ ڳوهيل مٽيءَ جي ڪهاڻي

***


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دريا جهڙي دل مٽان هُو چنڊ پرينءَ جو پاڇو هو
تنهنجي پويان پاڳل من جي هرڪا حسرت پاڳل هئي
تارن تائين ڳالهه هُلي هئي، منهنجي محبت پاڳل هئي
پيار وجائي پڇتايوسين، روح هيو يا ڪاڇو هو
دريا جهڙي دل مٽان هُو چنڊ پرينءَ جو پاڇو هو

***

اوهان جي ياد جا پنڇي لٿا درياهه تي جانان!
ٽڙيا قلواڙ ۾ آهن پنيءَ جي ويل يادن جا
اسان جي خيال ۾ ڪڙندا رهيا رابيل يادن جا
اوهان جي ياد جا پاڇا، اسان جي ساهه تي جانان
اوهان جي پيار جا پنڇي لٿا درياهه تي جانان

***



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوهان جي ياد ۾ آهيون اهو ڪافي نہ آهي ڇا؟
ڇريءَ دل جي انڌيري ۾ اوهان جي نام جا ڏيئا
رکياسين رت سان روشن، انهيءَ انجام جا ڏيئا
ملڻ ناهي ضروري پر اوهان کيٰ دل نہ چاهي ڇا؟
اوهان جي ياد ۾ آهيون اهو ڪافي نہ آهي ڇا؟

***

مان اجا توکي تلا شيان، تو اجا تو لئہ رُلان
هٿ مون تنهنجا ڏٺا هئا، ڪونہ هئي منهنجي لڪير
پاڻ تنهنجي نام جا، عشق جا آهيون اسير
پاڻ ۾ توکيٰ تراشيان، چنڊ تي تو ۾ ڪُلان
مان اجا توکي تلا شيان، تو اجا تو لئہ رُلان

***



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پکين جي وساريل وڻن جيئن دل هي
مسافر اکين جي نظر ۾ نه آهي
اياڳي اوهان جي شهر ۾ نه آهي
پُلايل صدين جي ڏڻن جيئن دل هي
پکين جي وساريل وڻن جيئن دل هي

***

اسين ته تنهنجا، اکيون ته تنهنجيون، اکين ۾ سارا خواب تنهنجا
نديءَ جي جر تي گلاب تنهنجا، پکين جي دل ۾ اُڪير تنهنجي
لڳن ستارا شباب تنهنجا، گهلي ڏکڻ جي سا هير تنهنجي
سِڪي سفينا سڏن تا جن کي، اهي ڪنارا خواب تنهنجا
اسين ته تنهنجا، اکيون ته تنهنجيون، اکين ۾ سارا خواب تنهنجا

***



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪڏهن نيڻ ٻوٽي اوهان کي ڏٺوسين
ڪڏهن نيڻ کولي، وڃايو اوهان کي
ڪڏهن خواب سوچي گهرايو اوهان کي
اوهان کي سدائين اکين ۾ رکيوسين
ڪڏهن نيڻ ٻوٽي اوهان کي ڏٺوسين
***

رات تنهنجي ياد جي، سمنڊ ۾ طوفان هو
نيڻ ها ساحل پرين، لڙڪ لهرون ٿي ويا
دل جو سفينو ويو ٻڏي، ايترا ڳوڙها پريا
ايتريون ڇوليون ڇليون جو ناخدا حيران هو
رات تنهنجي ياد جي سمنڊ ۾ طوفان هو
***



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڪي تنهنجين سنيارن ۾، اسان جي دل رکي آهي
جڏهن ڪي بارشون پرجن اوهان جي ياد ۾ تڙپي
پريا بادل جڏهن گرجن، اوهان جيّ ياد ۾ تڙپي
اُڏي وٽڪار تنهنجيءَ ڏي، پرين ڪوئي پکي آهي
سڪي تنهنجين سنيارن ۾، اسان جي دل رکي آهي

***

تو گلابي آڱرين سان پيار کي بادل لکيو
دل چريءَ جي پانڊ ۾، تو پري موتيا چڏيا
تو اسان جي شاعريءَ ۾، رات جا تارا گڏيا
مرڪ پنهنجيءَ سان اسان کي، تو پرين پاڳل لکيو
تو گلابي آڱرين سان پيار کي بادل لکيو

***



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هُن ڳلابي آڱرين سان هجر کي صحرا لکيو
پيار کي بادل لکيائين ۽ ڪڏهن دريا لکيائين
وصل کي تارا لکيائين، سمنڊ جا لمحا لکيائين
هُن پکيڙي پياس مون ۾ پاڻ کي دريا لکيو
هُن گلابي آڱرين سان هجر کي صحرا لکيو

***

جڏهن رات ٿيندي ستارا تڪيندديون
اکيون دل جون ڳالهيون، اکين کي ڏسينديون
اگر تون نه ملندين، سڪين ڏسينديون
وري ننڊ ايندي، وري خواب ٿيندديون
جڏهن رات ٿيندي ستارا تڪيندديون

***



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌ، نيڻن جي وٿين ۾ خواب ڪو محبوب جو
سنڌ، تارن جي اڱڻ ۾ پار جون پوليون ڇڙيون
سنڌ، ساحل جي مٿان چڻ رات جو حورون مڙيون
پارسائيءَ جي ڪهاڻي، خيال ڪنهن مجذوب جو
سنڌ، نيڻن جي وٿين ۾ خواب ڪو محبوب جو

***

ڇيوسين شام جو ورندا، پکي توکي پڪاريندا
هوا ۾ واس واڪا ٿي، اسان کي توڏي آڻيندو
اهو آڪاش عاشق آ، ستارا توتي ڇاڻيندو
ڇپائين سانجهه جا ڏيئا، تنهنجون راهون نهاريندا
ڇيوسين شام جو ورندا، پکي توکي پڪاريندا

***



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تـو ڳـلـيءَ ۾ پـيـرڙن جـا رابـيـل هـا هـاري چـڏيـا
سڀ ڏسائون سنگيت جون ڪلنڌڙ دريون مون ڪي لڳيون
هي هوائون جڻ تـہ پاڳل چوڪريون مونکي لڳيون
تـو وفـائـن جـا سـدائـيـن قـنـديـل هـا ٻـاري ڇـڏيـا
تـو ڳـلـيءَ ۾ پـيـرڙن جـا رابـيـل هـا هـاري ڇـڏيـا

***

دل چـري ڪـهـڙي جـوانـي، زنـدگـانـي چـار ڏيـنـهـن
سـمـنـڊ جـيـڏي بـي قـراري، هـڪ گـهـڙيءَ جـو خـواب آ
عـاشـقـي ويـنـدڙ وڪـون يـا لـهـر تـي مـهـتـاب آ
هـاءِ چـاجـي لـئـہ حـيـرانـي، زنـدگـانـي چـار ڏيـنـهـن
دل چـري ڪـهـڙي جـوانـي، زنـدگـانـي چـار ڏيـنـهـن

***


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوهان ناهيو تہ نيٹن ۾ سدائين لئہ نَمي آهي
اوهان جي پيار کي سوچيون، وري سوچيون اڪيلائي
اندر ۾ زلزلو آيو اوهان جي ياد جو آئي
نٿو هي آسمان گهرجي، اوهان جي بس ڳمي آهي
اوهان ناهيو تہ نيٹن ۾ سدائين لئہ نَمي آهي.

***

اچا ٿا راهہ ۾ پٽڪن، نٿا ٿڪجن
اسان کي پير جوڳين جا، پنڌن ۾ زندگي گذري
اوهان جي شهر ۾ رلندي، وچوڙن جي صدي گذري
اوهان جي چاهہ ۾ پٽڪن، پرين تڙپن
اچان ٿا راهہ ۾ پٽڪن، نٿا ٿڪجن

***



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رات لــــــــڙيءَ جــــــو آيـــــا آهـــــن
خـــواب پـــرانـــهـــيـــن پـــار جـــا مـــانـــجـــهـــي
خـــواب اکـــيـــن ۾ نـــيـــري ســـانـــجـــهـــي
پـــل گـــهـــڙي تـــرســـايـــا آهـــن
رات لــــــــڙيءَ جــــــو آيـــــا آهـــــن

***

مـــلـــي مـــوکـــلايـــا نـــہ پـــيـــهـــار ايـــنـــدا
اهـــي خـــواب هـــاڻـــي نـــہ مـــلـــنـــدا وري
روئـــاريـــو تـــو جـــن کـــي نـــہ کـــلـــنـــدا وري
لـــڙي لـــڙک آيـــا ۽ ڪـــر وار ايـــنـــدا
مـــلـــي مـــوکـــلايـــا نـــہ پـــيـــهـــار ايـــنـــدا

***



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ملائي نيڻ نيڻن سان چيائين بارشيون سوچيون
وري تارا ڳلي لايون، سڄو آڪاش جاڳايون
گلابن سان رکي ريسون، هزارين قول مهڪايون
وساري درد جا لمحا وري ساڳيون خوشيون سوچيون
ملائي نيڻ نيڻن سان چيائين بارشون سوچيون

***

پاڻ آهيون چنڊ تي آرام ۾
زندگيءَ جي قافلن کان پاڻ ٿي وياسين الڳ
عاشقيءَ جي سلسلن کان هاڻ ٿي وياسين الڳ
تا رهون بس روشنيءَ جي گام ۾
پاڻ آهيون چنڊ تي آرام ۾

***



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چياڻين شام موتي ٿي پکين سان گڏ وڻن تائين
امبر تي رات پهچي ٿي ستارن جا ڪٽي ڏيئا
ڪِرن ٿا پوءِ دريا تي ستارن جا چٽي ڏيئا
چيوسين دل بہ پهچي سِگهين سان گڏ وڻن تائين
چياڻين شام موتي ٿي پکين سان گڏ وڻن تائين.

***

اوهين چڙهي سانجهہ جا تارا، اسين راتين جي تاريڪي
نصيبن کان نياڳيءَ دل، اوهان جو پيار اپنايو
سکن سان رابطو توڙي، غمن جو بار اپنايو
اوهين سانوڻ جا وسڪارا، اسين راتين جي تاريڪي
اوهين چڙهي سانجهہ جا تارا، اسين راتين جي تاريڪي

***



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڏهن تون وار کولين ٿي، امبر ۾ ميگهه لڪجن ٿا
جڏهن مرڪي ٿي ڳالهائين، ورن بادل ٽڙي رم جهم
اسان جي سوچ وستيءَ ۾ اوهين ڇيرون، اوهين ڇم ڇم
اسان جا پيار ڳولين ٿي، اندر ۾ ميگهه لڪجن ٿا
جڏهن تون وار کولين ٿي، امبر ۾ ميگهه لڪجن ٿا

***

ڇپائين سانجهه جي سَر تي، ترن تارا هليو اچجان
هوا جي هنج ۾ موتيا، جڏهن مرڪن ملي وڃجان
پريان هُن روهہَ تي ڪونجون جڏهن ڪٽڪن ملي وڃجان
جڏهن راتين جي خيمي ۾، ٻرن تارا هليو اچجان
ڇپائين سانجهه جي سَر تي، ترن تارا هليو اچجان

***



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زندگي جي آئيني ۾ عڪس تنهنجو پيار هو
دل چري جي پاند ۾ ڳوڙها هئا ڳالهيون هيون
شام جي ويلا هئي ۽ ڏور ڪجهه ٽالهيون هيون
ڇو وساريئي، ياد ڪر، هڪ شخص تنهنجو پيار هو
زندگي جي آئيني ۾ عڪس تنهنجو پيار هو

***

اسين چڙ رات ساوڻ جي، اوهين برسات ساوڻ جي
اسين امبر جي تنهائي، اوهين تارن ڪتين جهڙا
اسان جو روح اونداهي، اوهين چنڊ جي ٻتين جهڙا
پکين ۾ لات ساوڻ جي، اوهين پرڀات ساوڻ جي
اسين چڙ رات ساوڻ جي، اوهين برسات ساوڻ جي

***


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان ستارو رات جو پرياتَ ڇو ويندس هليو
تنهنجي ساگر ۾ سدائين، عڪس منهنجو تي ڪِريو
عمر جي هن موڙ تائين، نقش منهنجو تي ڪِريو
جڻ نظارو رات جو پريات جو ويندس هليو
مان ستارو رات جو پريات ويندس هليو

***

مان وڻن ۾ واءُ آهيان ۽ پکين جي لات آهيان
سمنڊ جي ڪا وير آهيان، ساحلن جي ريت آهيان
بادلن جي ڳالهه آهيان يا سرنهن جا کيتَ آهيان
چنڊ جو مان گهاءُ آهيان ۽ پري برسات آهيان
مان وڻن ۾ واءُ آهيان ۽ پکين جي لات آهيان

***



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪڏهن چڙهندڙ سانجهه جو سورج، ڪڏهن تون چنڊ جي ريکا
ڪڏهن صحرا جي سيني ۾ پريو بادل لڳين جانان
ڇلي جو سڪ جو ساگر، تڏهن ساحل لڳين جانان
ڪڏهن سسئي، ڪڏهن سهڻي، ڪڏهن آهين چترليکا
ڪڏهن چڙهندڙ سانجهه جو سورج، ڪڏهن تون چنڊ جي ريکا

***

تو ڇيو هو چنڊ تنهنجي چوٽ ۾ موتيو هجي
جُهڙ جُهڙالا وارَ تنهنجا ۽ ستارا هارَ تنهنجا
اڀ جي نيرين ڳلين ۾ سڀ پکيئڙا پيار تنهنجا
۽ ڇيئہ ٿي سج تنهنجي گهر اندر ڏيئو هجي
تو ڇيو هو چنڊ تنهنجي چوٽ ۾ موتيو هجي

***

لـتـو چـا لاڙ ۾ سـورج، سـمـورا ڳـوٺ سُـرمـئـي ٿـيـا
اوهـان جـا نـيڻ سـاريـاسـيـن، اوهـان جـا وار سـاريـاسـيـن
اکـيـن جـا آر سـاريـاسـيـن، وڇـوڙيـل پـيـار سـاريـاسـيـن
ٽـڙيـو ايـئـن چـاهـه جـو هـو ٻـج، سـمـورا ڳـوٺ سـرمـئـي
لـتـو چـا لاڙ ۾ سـورج، سـمـورا ڳـوٺ سـرمـئـي ٿـيـا

***

اسـان ۾ رات جـا تـارا ٻُـڏن ٿـا پـيـا ۽ تـرن ٿـا پـيـا
اسـان ڪـنـهـن ڏنـڍ نـيـريءَ جـو حـصـو آهـيـون
انـهـيءَ ڄَـر جـي جـوانـيءَ ۽ پـيـريءَ جـو قـصـو آهـيـون
اسـان تـي عـشـق جـا پـنـڇـي اڏن ٿـا ۽ تـرن ٿـا پـيـا
اسـان ۾ رات جـا تـارا ٻُـڏن ٿـا ۽ تـرن ٿـا پـيـا

***


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسين بادل جيان آهيون، وسي وڪري بہ ويندا سين
گهڙي ڪن جو قصو آهيون، وري وريو خدا ڄاڻي؟
خلائون سمنڊ گهري جيئن، تري وريو خدا ڄاڻي؟
سنڌ ۽ آنچل جيان آهيون، ٽُٽي وسري بہ ويندا سين
اسين بادل جيان آهيون، وسي وڪري بہ ويندا سين

***

دل سرنهن جو ڪيت آهي، روز ٿي تو لئہ ٽِڙي
تون پراون پيچرن تان ڏوريان گذريو وڃين
دل نهارون ٿي وڃي، ڏاڍو پريان گذريو وڃين
محبتن جي راڳ وانگر، ساز وانگر ٿي ڇڙي
دل سرنهن جو ڪيت آهي، روز ٿي تولئہ ٽِڙي

***


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنهن لاءِ اسان جا نيڻ پنا
ان جي نه حصي ۾ آيا سين
بس گيت رڳوئي ڳايا سين
ڇاڇا نه وڇوڙا يار ڏنا
جنهن لاءِ اسان جا نيڻ پنا.

***

اسين محروم نيڻن ۾ اڌوري خواب جيئن آهيون
ڪڏهن صحرا جي دامن ۾ چلي ڪو سمنڊ بڻجون
ڪڏهن آڪاش نيري ۾ اڏيڪو چنڊ بڻجون
ڪهاڻين جي ڪتاب جي وساريل باب جيئن آهيون
اسين محروم نيڻن ۾ اڌوري خواب جيئن آهيون

***



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسين دلربايون نہ ميڙي سگھياسين
نہ ئي ٻانهن ڪنهن جي وهاڻو اسان لئہ
نہ ئي وار ڪنهن جا وڇاڻو اسان لئہ
رڳو پاند دل جو پڪيڙي سگھياسين
اسين دلربايون نہ ميڙي سگھياسين

***

نيڻ منهنجا ٿي پِنا، هر هر پنا
آئون پنهنجو پاڻ ۾ ڪيترو برباد ٿيس
تو ڏٺو ٻيهر جڏهن، آباد ٿيس
روشنا! او روشنا! او روشنا!
نيڻ منهنجا ٿي پنا هر هر پنا

***



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

روشنا!! هي دل اياڳي دربدر
تي رُلي، ڪيڏو رلي اي جان من!
سمنڊ سان گڏجي چلي ايءِ جان من!
رات تارن ساڻ جاڳي دربدر
روشنا! هي دل اياڳي دربدر!

***

اڪيون تہ اڪيون آهن، ملنديون تہ مسڪرائينديون
خوابن جي سفيني ۾ هُن پار رُلي اينديون
يا وقت جي ڇولين سان هر بار ڇلي اينديون
تنهنجون ئي سڪيون آهن، ڪنهن ڏينهن جدا ٿينديون
اڪيون تہ اڪيون آهن، ملنديون تہ مسڪرائينديون

***



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسين هڪ ٻئي ۾ وڃايل رهيا سين
زمانو ڪهاڻيون گهڙيندو رهيو
اسانکي انهن ۾ ڳڙيندو رهيو
پرين تنهنجي پيرن جي پايل رهيا سين
اسين هڪ ٻئي ۾ وڃايل رهيا سين

***

زندگيءَ کان موت تائين بينظير
حوصلن ۾، همتن ۾ ۽ حُسن ۾ لازوال
هر گهڙيءَ ۾ باضمير، هر گهڙيءَ ۾ باڪمال
سنڌ سان رهندي سدائين بينظير
زندگيءَ کان موت تائين بينظير

***



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسيـن هـاڻ واپـس اُڏاڻـا وجـون ٿـا
اوهـان جـي وطـن ۾ ٻـه ٽـي ڏيـنـهـن گـهـاريـا
ٻـه ٽـي چـنـڊ چـاڙهـيـا، ٻـه ٽـي سـج اُڀـاريـا
لڳـي ٿـو تـه خـود ٻـي وسـاڻـا وجـون ٿـا
اسـيـن هـاڻ واپـس اڏاڻـا وجـون ٿـا.

***

ڪنهن کي خبر ڇاڇا ڇڳي، وٽڪار ڏي موتيا پکي
ڇـهـنـب ۾ مـوتـي کـڻـي، يـا تـه آيـا ڪـک کـڻـي
يـا ورپـا خـالـي هـٿـا، شـام جـو ڪـنـيـڙا هـٽـي
ڍنـڍ جـي هـڪ پـار کـان ٻـي پـار ڏي مـوتـيـا پـکـي
ڪنهن کي خبر ڇا ڇا ڇڳي، وٽڪار ڏي موتيا پکي

***



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڪيـن جـي بـزم ۾ تـي مـهـمـان آيـا
لڳـي تـو تـہ هـاڻـي سـڄـي عـمـر رهـنـدا
انـدر ڪـي وڍيـنـدا، اڪيـن مـان پـيـا وهـنـدا
هـي ڳـوڙهـا انـهـن جـو وڏو شـان آيـا
اڪيـن جـي بـزم ۾ تـي مـهـمـان آيـا.

***

هُن گلابي آڱرين سان پيار ڪي رم جهم لکيو
هُـن لـکـيـو سـنـسـار سـارو سُـر مـنـڊل
ڪنهن پياريءَ ڇوڪريءَ جي سار ۾ سرجيل غزل
هُن تہ پنهنجيءَ چير سان، هو درد ڪي دائم لکيو
هُن گُلابي آڱرين سان پيار ڪي رم جهم لکيو

***



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تــو نــہ اســان کــي پــاڻ ۾ تــوري جــاءِ ڏنــي
پو بہ اکيون هي مرڪـنـدي ڳـوڙها پـي ويـون
تـو کـي يـاد ڪـري پـريـن! ايـڏو جـي ويـون
سـارو جـيـون بـي رُخـي، جـو تـو هـاءِ ڏي
تــو نــہ اســان کــي پــاڻ ۾ تــوري جــاءِ ڏنــي

***

وجــون تــا دربــدر تــيــنــدا
اوهــان جــو آســرو لاٿــو
ڪــجــي چــا درد جــو ڪــاٿــو؟
ســمــونــڊن ڏي ســنــبــاهــيــنــدا
وجــون تــا دربــدر تــيــنــدا

***



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيائين چنڊ ڏي ويندي خدا حافظ
پکيءَ وانگر اُڏامڻو ۽ وڃي ٻي پار ڏي پهتو
ستارن تي وڪون ڪوڙي عجب سنسار ڏي پهتو
وڇوڙن جون رُتون ڏيندي خدا حافظ
چيائين چنڊ ڏي ويندي خدا حافظ

***

چپن تي آڱرين ڦيري
پُراڻي شهد ڳولين ٿا
وصل جي حد ڳولين ٿا
چمڻ تي وئي اکيون هيري
چپن تي آڱرين ڦيري

***



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نيڻ نيڻن سان ڳنڍي ڇوڙي ڇڏڻ
اي پرين ناهي مناسب، اي پرين ناهي سهي
ڏس ته تو ڪان ڏار آهي، بي سبب پنهنجي وهي
يادگيرين جي شهد سان درد جا ڳوڙها ڳڙڻ
نيڻ نيڻن سان ڳنڍي توڙي ڇڏڻ

***

ويو ڇا صدين جا وڇوڙا ڇڏي ويو
انهيءَ شخص خواهن سندا گيت ڪيڙيا
جڏهن دل پڪيڙي سدا پيار ميڙيا
هُو يادن ۾ ڪيڏا نه ڳوڙها ڇڏي ويو
ويو ڇا صدين جا وڇوڙا ڇڏي ويو

***



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اکيــن ۾ ســانــوڻــيــون آهــن
رڳــو ئــي تــات تــنــهــنــجــي آ
چــپــن تــي بــات تــنــهــنــجــي آ
اُداسيــون ڪــنــهــن ڳــٽــيــون آهــن
اکيــن ۾ ســانــوڻــيــون آهــن!

***

وئــي زنــدگــيءَ مــان ۽ خــوابــن ۾ آئــي
اکــيــن کــان پــري تــي، پــري کــونــہ تــي آ
ســدا ســاهـــ ۾ هــوءَ ســمــايــل رهــي آ
مــلــڻ کــان بـــہ شــهــڻــي انــهــيءَ جــي جــدائــي
وئــي زنــدگــيءَ مــان ۽ خــوابــن ۾ آئــي

***



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جذيرا روح منهنجي جا رهيا خالي
لنگر تو ڪونہ هو ڪوڙيو ڪنارن تي
نڪي تو پاڻ سان جوڙيو ڪنارن تي
سدائين روپ تنهنجي جا رهيا سوالي
جذيرا روح منهنجي جا رهيا خالي

***

لڪيائين خطن ۾ تہ پيهار اڄ
وڇوڙن ۾ ڳرندي وڃون ٿا وڃاڻا
اسان جين اڪين ۾ وري آءُ راڻا
پڇاڙيءَ ۾ جملو اڙي يار اڄ!
لڪيائين خطن ۾ تہ پيهار اڄ.

***



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# نئون نياپو اڪيڊمي

## مارڪيٽ ۾ موجود ڪتاب

1.عشق جون ڳليون ( سفر ناما ۽ ٻيون لکڻيون) گل حسن ڪلمتي مُلهہ: 200
2.ڪالاش: ڪافرن جو ديس (سفرنامو) گل حسن ڪلمتي مُلهہ: 200
3.جڏهن مان چوهٽ جو هوندس (ڪهاڻيون) ممتاز مهر مُلهہ: 70
4.نہ وڃڻ جو پڇتاءُ (ڪهاڻيون) يوسف سنڌي مُلهہ: 70
5.ڊائريءَ ۾ رکيل گلاب (ڪهاڻيون) منصور پرڙو مُلهہ: 70
6.مٽيءَ هاڻا ماڻهو (ڪهاڻيون) اڪبر اديب مُلهہ: 90
7.رنگن جي خانہ بدوشي (نظم) ايوب گل مُلهہ: 70
8.اسٽور روم (نظم) علي اظهار مُلهہ: 80
9. ہہ ڪتاب (ڪهاڻيون) ممتاز مهر مُلهہ: 90
10.ڳوڙهن جا ڪبوتر (ڪهاڻيون) پرويز مُلهہ: 90
11.مٽيءَ هاڻا ماڻهو (ڪهاڻيون) اڪبر اديب مُلهہ: 90
12.مس سدا بهار چنبيلي (ناول) الطاف شيخ مُلهہ: 125
13.ڪپيل نڪ (ڪهاڻيون) عباس سارنگ مُلهہ: 90
14.لاڙ لهرون ۽ سمنڊ (شاعري) نواز خان زئور مُلهہ: 150
15.سمنڊ تو مونکي سڏي (پنجڪڙا) ايوب گل مُلهہ: 100
16. عجب اکڙيون (ڪهاڻيون) قرت العين حيدر مُلهہ: 90
17.نيٺ تہ ڍهندي (ڪالم) آفتاب ميمڻ مُلهہ: 90
18.پٿر جو جگر ميڻ جي دل (ناول) موهن ڪلپنا مُلهہ: 90
19.ساروڻيون سفر جون (سفرناما) نصير اعجاز مُلهہ: 200
20.رڻ ۾ رات ٽري (شاعري) رحيمداد جوڳي مُلهہ: 100

**لک پڙهہ لاءِ**

**A-12, Sachal Goth, Gulshan-e-Iqbal,**
**Karachi. SINDH.**
**Ph # 021-34690389 Cell # 0346-2103811**
E-mail:naon_niapo@yahoo.com



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com